4

# ماحولياتي حق ۽ انصاف
# Environmental Rights and Justice

هن باب ۾: صفحو


| هن باب ۾: | صفحو |
| --- | --- |
| ڀوپال جي زهريلي گئس جو هاڃو | 36 |
| حقن ۽ انصاف لاءِ جدوجهد | 37 |
| زهريلا ڪيميائي مادا اسانجي جسم ۾ ڪيئن داخل ٿين ٿا؟ | 40 |
| ماحول بچائڻ لاءِ جوڙيل هيلٿ ڪلينڪ | 40 |
| تبديليءَ لاءِ ڪم ڪرڻ | 42 |
| خطرو ڪٿجي؟ ڪنهن لاءِ؟ | 43 |

# ماحولياتي حق ۽ انصاف



هر وسنديءَ جي هر فرد کي تندرست، صاف سٿري رهڻ ۽ صحتمند ماحول ۾ زندگي گذارڻ جو حق آهي. پر بدقسمتيءَ سان، عام طور تي انهن قانونن جو احترام نٿو ڪيو وڃي. گهڻا ماڻهو صحت جي گنڀير مسئلن، بنيادي ضرورتن جي اڻ هوند ۽ هاڃيڪار مادن جي حد کان گهڻي هجڻ سبب لوڙيندا رهن ٿا. انهن سڀني ۾ وڏ ۾ وڏ اهي خطري ۾ رهن ٿا جنکي قوم، جاتي، مذهب، صنف، رنگ، نسل، غربت يا ڪن ٻين سببن ڪري نيچ درجي جو سمجهيو وڃي ٿو. اهڙا فرد عام طور تي سڀ کان اڳ ۾ بدتر حالتن جو شڪار ٿين ٿا.

اهڙيون برداريون جن جي تندرستيءَ، سلامتيءَ، لاياٿي ۽ خوش ماحول ۾ گذارڻ جي حقن جو اقتدار ۾ رهندڙ احترام نٿا ڪن تن کي ورلي، ماحولياتي انصاف لاءِ واجهائيندڙن جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

سڄيءَ دنيا ۾ ماحولي صحت جي هاڃن ۾ مبتلا رهندڙن برادرين جون ڪيتريون ڳالهيون موجود آهن جيڪي اهڙن شامتن ۾ صحت جي حقن ۽ ماحولي انصاف حاصل ڪرڻ واسطي پاڻ پتوڙيندڙن جون آهن. هن باب ۾ هڪ اهڙو قصو ٻڌايو ويو آهي.

# ڀوپال جي زهريلي گئس جو هاڃو

اها 3 ڊسمبر 1984 جي هڪ ڪاري رات هئي جڏهن، انڊيا جي شهر ڀوپال ۾ هڪ دل ڏاريندڙ حادثو ٿيو. ڀوپال جي هڪ ڳتيل ۽ غريب آباد علائقي ۾، پيسٽيسائيڊون (جيتمار دوائون) ٺاهيندڙ هڪ ڪارخاني مان زهريلي گئس جا ڪيترائي ٽن خارج ٿي هوا سان ملي ويا. جيئن ته ڪارخاني جو خطري کان چتائيندڙ سرشتو بند ڪيو ويو هو ۽ اهڙا ٻيا سرشتا ڪم نه ڪري رهيا هيا، ان سبب برادري ڪنهن به قسم جي خطري کان هوشيار ٿي نه سگهي.




هڪ بچي ويندڙ عزيزه سلطان پنهنجو يادگيرو ٻڌائي ٿي ته:




ان رات زهريلي گئس گهٽڻ ماڻهن کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏيو. 3 ڏينهن کانپوءِ 8 هزار ماڻهو مري ويا. پر اها، ان دردناڪ حادثي جي پڄاڻي نه پر اڃان شروعات ٿي هئي.

ايندڙ 20 سالن دوران زهريلي گئس سبب وڌيڪ 25000 ماڻهو مري ويا. گهٽڻ ۾ ڀيانڪ بيماريون پيدا ٿيون. جن ۾ ساهه کڻڻ ۾ سور ۽ تڪليف، لاڳيتو رهندڙ کنگهه، بخار، ٽنگن ۽ پيرن ۾ حس نه هجڻ، ڪمزوري، ڊپ، مايوسي ۽ **ڪينسر** به هئي. بچي ويندڙ ٻارن ۽ انهن جي پوٽن ڏوهٽن ۾ سنگين قسم جا **ڄائي ڄم جا عيب** پيدا ٿي ٿيا، جن ۾ لنڊيون ٽنگون لنڊيون ٻانهون، آهستي ٿيندڙ واڌ ۽ پيدائشي ۽ ٽنتي سرشتن جون بيماريون هيون. ڀوپال جي ان رات کان 150000 ماڻهو زهريلي گئس سبب متاثر ٿي چڪا آهن.

## حقن ۽ انصاف لاءِ جدوجهد

اڄ ڏينهن تائين، زهريلي گئس خارج ٿيندڙ هنڌ کي صاف بہ نہ ڪيو ويو آهي ۽ ويران ڪارخانو ان هاڃي جي هڪ ڀيانڪ يادگيري طور اڄ بہ موجود آهي. زهريلن ڪيميائي مادن جا ڍير کليل هوا ۾ پيل آهن ۽ شهر جي جَر جو پاڻي زهريلو ٿي ويو آهي. گهڻن ماڻهن کي ٿيندڙ بيمارين جو اڄ تائين گهربل علاج ٿي نہ سگهيو آهي. انهن ڳالهين ڪري، ڀوپال جا ماڻهو ان سانحي کي رڳو ماضيءَ جو قصو نہ پر هڪ اهڙي ڀيانڪ تباهي سمجهن ٿا جنهن سان ڪين روز منهن ڏيڻو پوي ٿو.

پيسٽيسائيڊبون ٺاهيندڙ ڪارخانو هڪ اهڙيءَ **گهڻ قومي ڪمپنيءَ** جي ملڪيت هو جيڪا دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڪم ڪري ٿي ۽ يونين ڪاربائيڊ (Union Carbide) جي نالي سان سڃاتي ٿي. بچي ويندڙ اهو بہ سمجهن ٿا تہ، سندن زندگين جو ان سانحي سبب ايئن متاثر ٿيڻ واجب نہ هيو. متاثر ماڻهن وٽ بيمارين جي علاج ڪرائڻ ۽ ڪٽنب جي انهن فردن جي پرگهور لهڻ لاءِ جيڪي هاڻ ڪم ڪرڻ جهڙا نہ رهيا آهن پئسو ڪونهي. هنن چاهيو پئي تہ ڪمپني پنهنجي ذميواري محسوس ڪري. پر ڪمپنيءَ هر دفعي اها ڳالهہ پئي چئي تہ اهو سانحو ڪارخاني جي هڪ پورهيت سبب ٿيو جنهن بہ ذميواري کڻڻ کان انڪار ڪري ٿي ڇڏيو. جڏهن تہ حادثي جو ڪارڻ ڪارخاني جي ناقص ڊزائن / جوڙجڪ هئي.

حقن ۽ انصاف لاءِ وڙهندڙن ۾ ڪيترن ماڻهن جيان، ڀوپال سانحي جي متاثرين کي بہ خبر هئي تہ غربت سبب سندن مسئلا وڌيڪ ڪنن ٿيندا ويندا. پر اصل ۾ ڏسڻو هي آهي تہ، آخر اهو سانحو ٿيو ڇو؟



## آخر اها تباهي ڇو ٿي؟

ڀوپال جو سانحو هڪ اهڙي ڀيانڪ تباهي هئي ۽ آهي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ پيدا ٿيڻ نه گهرجي ها. پر اها جيتري ڀيانڪ آهي اوتري حيرت ۾ وجهندڙ ناهي. هيٺين "پر ڇو؟" سرگرمي ڪرڻ سان ڀوپال سانحي جي اصل ڪارڻ سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.




سڄيءَ دنيا جون وڏيون وڏيون ڪمپنيون غلاظت پيدا ڪندڙ ڪارخانا اتي هڻن، زهريلا ڪيميائي مادا اتي سٽين، گدامن ۽ نيون خطرناڪ صنعتي رٿائون اتي هلائين ٿيون جتي جا ماڻهو غربت سبب وڏ ۾ وڏ ڏتڙيل ۽ هيٺاهين طبقي سان واسطو رکندڙ ٿين ٿا. ايئن دنيا جا غريب ملڪ ۽ غريب وسنديون، ڪارخانن جي زهريلن مادن، پيداوار ۽ غلاظتن جا گدام ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو ماحولي صحت جي بچاءُ ڪرڻ لاءِ اسان مان هرهڪ جو اهو ڪم ناهي ته جيڪي صنعتي شيون استعمال ڪريون ٿا، اهي تبديل ڪريون يا ڪيئن اڪلايون. پر للڪاريندڙ ڳالهه اها آهي ته ڪيئن نه طاقتور پنهنجيءَ طاقت جو ناجائز استعمال ڪن ٿا جنهن سبب اسان مان وڏ ۾ وڏ حساس، صحت تباهه ٿيڻ سبب ڇوڙيندا رهن ٿا.



# ڀوپال ۾ انصاف لاءِ بين الاقوامي مهم




ڀوپال جي زهريلي گئس کان بچي ويندڙن، پاڻ ۾ گڏ
پيڙائن ۽ ڪمپنيءَ جو پنهنجي ذميواريءَ ڏانهن ڌيان
مهمون هلايون. ان سلسلي ۾ بک هڙتالون ڪيون ۽
ڪجهه به ڪائڻ پيئڻ کان انڪار ڪيو جيسيتائين
ڪٽا ٻڌي نٿي وڃي. ڪاڏي پيتي بنا ڀوپال جي راڄڌ
تائين 750 ڪ م مارچ ڪيو. انڊيا جي راڄڌاني
تائين مارچ ڪري انصاف جي گهُر ڪئي. عورتن،
رياست جي وزيراعليٰ جي آفيس آڏو ٽن مهينن
تائين خيما کوڙيا. ايئن روزانو سج اڀرڻ کان لهڻ
تائين پنهنجن مطالبن لاءِ واڪاريندا رهيا.

حادثي جي ڪيترن سالن کانپوءِ هڪ ڪورٽ سڳوري يونين ڪاربائيڊ کي 470 ملين آمريڪي ڊالر، انڊين حڪومت کي ڏيڻ جو حڪم ڪيو. جيتوڻيڪ اها هڪ اهم جيت هئي پر ناڪافي هئي. پئسن جو هڪ وڏو حصو بچي ويندڙن کي ملي نه سگهيو.

ستت ئي يونين ڪاربائيڊ هڪ ٻيءَ بين الاقوامي ڪمپنيءَ، ڊائو ڪيمڪل (Dow Chemical) کي وڪرو ڪئي ويئي. ڊائو ڪيميڪل به نه رڳو پنهنجي ذميواري قبولڻ پر متاثر ماڻهن کي ڪنهن به امداد ڏيڻ کان انڪار ڪيو. هاڻ، نه ته انڊيا جي سرڪار جتي اهو سانحو ٿيو هو ۽ نه ئي آمريڪي سرڪار جتي جون اهي ٻئي ڪمپنيون آهن، هن حادثي جي ذميوار وڏن آفيسرن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ لاءِ تيار آهن.

بچي ويندڙن هڪ بين الاقوامي مهم منظم ڪري، انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکي. هنن شاگردن، ماحول - دوست گروپن ۽ انساني حقن جي تنظيمن جي سهائتا حاصل ڪئي. سڄيءَ دنيا جي ماڻهن جي سهڪار سان ڀوپال جي متاثرين، انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا مطالبا يونين ڪاربائيڊ ۽ ڊائو ڪيميڪل ڪمپنيءَ جي هيڊڪوارٽرن سميت اميريڪي ۽ انڊين حڪومتن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ايئن بچي ويندڙن ٻين ۾ به، پنهنجون پوڳنائون ۽ پيڙائون ڏيان تي آڻڻ لاءِ بک هڙتالون ڪرڻ ۽ عملي طور تي ڪري ڏيکارڻ جو اتساهه پيدا ڪيو. ايئن هو پنهنجن ڪٽنبن جي سهائتا ۽ صحت سنڀال جا پنهنجا پروگرام منظم ڪندا (ڏسو ص. 345) ۽ ٻين زهريلن هاجن سبب متاثر ٿيندڙن جي مدد ڪندا پنهنجو وجود برقرار رکندا آيا آهن.

ڀوپال ۾ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ هلندڙ مهم ۾ جيڪو "نعرو" متعارف ٿيو "ڀوپال وري ڪڏهن به نه." آهي. سندن مقصد، مستقبل کي ساڳئي قسم جي ماحولياتي حادثي کان بچائڻ آهي. پنهنجي جدوجهد کي عالمي سطح تي پهچائڻ لاءِ هنن سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کي زهرن ۾ وائکي ٿيڻ سبب ڊگهي عرصي تائين پيدا ٿيندڙ اهم سبق سيکاريا آهن. ڀوپال جي متاثرين ثابت ڪيو آهي ته، صنعتي حادثا ڪنهن به وقت ٿي سگهن ٿا ۽ هميشه اهي غريب ئي آهن جيڪي ٻين کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. سندن حقن ۽ انصاف لاءِ هلندڙ جدوجهد دنيا جي برادر تنظيمڪارن (community organizers) لاءِ هڪ مثال ٿي پيئي آهي.

# زهريلا ڪيميائي مادا اسانجي جسم ۾ ڪيئن داخل ٿين ٿا؟



ڪائڻ ۽ پيئڻ رستي (ڳهڻ)

ساهه کڻڻ رستي (ساهه اندر ڪرڻ)

۽

چمڙيءَ رستي (جذب ٿيڻ)

ڪو فرد، ڪنهن زهريلي ڪيميائي مادي سان جيترو وڌيڪ لاڳاپي ۾ ايندو يا منجهس سڌو سنئون وائڪو ٿيندو ڪيس اوترو گهڻو نقصان پهچندو. ڀوپال ۾، 500,000 ماڻهو هڪ ئي وقت رڳو هڪ دفعو زهريلي گئس ۾ وائڪا ٿيا ته اها، ساهه ۽ چمڙيءَ رستي سندن جسم ۾ داخل ٿي ويئي. اهو هڪدم پيدا ٿيندڙ هاڃو هيو. جيئن ته ڪيميائي هاڃي کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا ويا، ان سبب ڪارخاني جي چوگرد ڪيميائي زهر هنڌين ماڳين پکڙجي شهر جي زمين ۽ جَر جي پاڻيءَ سان ملي ويو. اڄ به، ڪيترن سالن گذرڻ ڪانپوءِ ماڻهو اهڙو پاڻي پيئن ٿا جن ۾ زهر موجود آهي، جيڪو سانحي برقرار رهڻ جو هڪ حصو آهي.

زهريلن مادن ۾ وڏي پئماني تي وائڪو ٿجي جيئن ڀوپال ۾ ٿيو يا ننڍي پئماني تي جيئن رنگن ۾ موجود زهرن، ڳاريندڙ مادن يا اهڙن ٻين عام رواجي شين سان سادي طرح سان لهه وچڙ ۾ اچجي ٿو انهن کان بچاءَ جو پهريون اپاءُ اهڙن ڪيميائي مادن کان پري رهڻ يا اهي پاڻ کان پري رکڻ ۾ آهي ته جيئن انهن سان گهڻو لاڳاپو ٿي يا انهن ۾ وائڪو ٿي نه سگهجي. ان ڪانپوءِ انهن سان آئيندي کان بچڻ جون تدبيرون ونجن (ڪيميائي زهرن سبب پيدا ٿيندڙ صحت جي مسئلن لاءِ وڌيڪ ڏسو باب 16).

## ماحول بچائڻ لاءِ جوڙيل هيلٿ ڪلينڪ

ڀوپال جا ماڻهو، ماحولياتي انصاف لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن ته ساڳئي وقت هو سانحي جي دردن جو درمان به ڪري رهيا آهن. بچي ويندڙن ۽ ٻين رضاڪارن ان سلسلي ۾ سمڀاونا (Sambhavna) ڪلينڪ شروع ڪري سڄي برادريءَ کي ان ڳالهه جي قطع نظر ته اهي خرچ پري سگهن ٿا يا نه، سندن مذهب، نسل يا ذات پات کهڙي آهي صحت سنڀال جون سهولتون ڏيڻ شروع ڪيون آهن. سمڀاونا جي سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ معنيٰ "امڪان" جي آهي.

سمپاونا ڪلينڪ ماحولياتي صحت جو هڪ مثال آهي. اها اهڙي طرح سان ٺاهي ويئي آهي ۽ هلائي وڃي ٿي تہ جيئن وڌ ۾ وڌ سلامتي ۽ پائداري قائم ٿي سگهي ٿي مثال طور:

- ڪلينڪ کي صاف ڪرڻ لاءِ رڳو گرم پاڻي ۽ صابڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن، صفائيءَ جي ڪري ڪنهن کي بہ زهريلي ڪيميائي مادي سبب ڇيهو رسي نہ سگهي.
- ڪلينڪ جي ورڪرن هڪ باغ بہ پوکيو آهي جنهن ۾ جڙيون ٻوٽيون پوکيون وڃن ٿيون. باغ ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪيميائي مادو استعمال نٿو ڪيو وڃي. ڪلينڪ تي علاج ڪرائيندڙ باغ ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ علاج لاءِ پنهنجون جڙيون ٻوٽيون گڏ ڪن ٿا.
- جڏهن ڪلينڪ جي نئين عمارت جي گهرج ٿئي ٿي تہ ان ۾ غير زهريلو مواد ۽ عمارتن ۾ مقامي مواد ۽ سامان استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهي اهڙي طرح ٺاهيون وڃن ٿيون جو منجهائن قدرتي روشني ۽ هوا جو گذر ٿيندو رهي ٿو.
- مينهن جي موسم ۾ ٽائيل لڳل ڇتين تان پاڻي گڏ ڪري زير زمين ٽانڪين ۾ گڏ ڪيو ۽ پوءِ خشڪ موسم ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو.
- صفائيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ پاڻي هڪ پائيپ
-



سمپاونا ڪلينڪ اهو ثابت ڪري ٿي تہ سيني جي صحت برقرار رکڻ جو مطلب رڳو بيمارن جو علاج ڪرڻ نہ پر بيمارين کي شروعات ۾ ئي روڪڻ آهي. زهريلن مادن جي نقصانن جي گهٽائڻ جو هي مثال اسڪولن، ڪاروبارن، سرڪاري آفيسن ۽ پنهنجن گهرن ۾ بہ متعارف ڪرائي سگهجي ٿو. پر جي اسان پنهنجن گهرن ۽ ادارن کي وڌ ۾ وڌ صحت بخش ۽ پائدار بڻائي بہ ڇڏيون تنهن هوندي بہ اسان سڀ، خاص طور تي جيڪي وڌيڪ حساس ٿيون ٿا تيسيتائين گهڻي خطري ۾ رهون ٿا جيسيتائين ڪارخانا، زهريلا ڪيميائي مادا پيدا ۽ استعمال ڪندا رهندا (سمپاونا ڪلينڪ بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ص. 345)

# تبديلي لاءِ ڪم ڪرڻ

ڀوپال حادثي مان بچي ويندڙن پنهنجي برادريءَ کي منظم ڪري ڊگهي مدي تائين صحت ۽ چڱڀلائيءَ لاءِ جاکوڙڻ سان، سڄي دنيا جي ماڻهن ۾ ماحولي حقن ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪيو آهي. اهي اصول جن هيٺ زهريلن مادن جي هاڃن کي گهٽائي سگهجي ٿو ڪارائتا ثابت ٿيا آهن:

- **روزاني زندگيءَ ۾ زهريلن ڪيميائي مادن جي استعمال کان پرهيز ڪرڻ:** گهر، برادريءَ جي آفيس يا ڪم ڪار واري هنڌ تي صفائيءَ لاءِ زهريلا ڪيميائي مادا استعمال نه ڪريو (ڏسو ص. 372 کان 374). باغ باغيچي ۾ ڪيميائي جيتمار زهر استعمال نه ڪريو ۽ ڪائڻ کان اڳ ۾ ميون ۽ ڀاڄين کي ڌيان سان ڌوئي صاف ڪريو (ڏسو باب 14). جيئن ته، اسان پنهنجين وسندين ۾ زهريلن مادن سان واڪا تي سگهون ٿا تنهنڪري اسانکي سرڪار تي زور ڀرڻ گهرجي ته اها، وڏين ڪمپنين کي اهڙن ماڻهن، جيڪي خاص طور تي وڏ ۾ وڏ خطري ۾ رهن ٿا کين ڪيميائي مادن ۾ وائکي ٿيڻ کان بچائي.




- **غلاظت روڪڻ لاءِ منظم ٿيڻ:** زهريلن ڪيميائي مادن جي هاڃن کان بچڻ لاءِ مختلف طريقن جهڙوڪ: بک هڙتالن، ڌرڻن ۽ مارچن سميت ڊرامن، ميڊيا، انٽرنيٽ ۽ رابطي جي ٻين ذريعن رستي ماڻهن کي تعليم ڏيو. جيڪڏهن ڪو ڪارخانو غلاظت ڪري رهيو آهي ته اهڙا ٻيا طريقا ڏسو جن رستي ورڪر / پورهيت پنهنجو پيٽ پالي سگهن ٿا. چو ته، سيني ماڻهن کي روزگار ۽ آمدني گهرجي ٿي.
- **ڪمپنين تي گند غلاظت صاف ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ:** جيتوڻيڪ اهڙي ڪاميابي ڏاڍي ڏکي حاصل ٿئي ٿي تنهن هوندي به اها گهر ڪرڻ ته، ڪمپني پنهنجي زهريلي غلاظت صاف ڪري، ماحولياتي حقن حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم حصو ٿئي ٿو. پلي ته ڪمپنيون اها ڳالهه نه مڃين پر ماڻهو مڃين ٿا ته، ڪمپنين کي هاڃي پيدا نه ڪرڻ ۽ ڪنهن به قسم جي هاڃي پيدا ٿيڻ جي حالت ۾ لازماً اهڙي ذميواري کڻڻ گهرجي. جڏهن ماڻهو ڪمپنين کي حرجاڻي ڀرڻ لاءِ زور ڀرين ٿا تڏهن ممڪن ٿئي ٿو ته اهي آئيندي جي سلامتيءَ لاءِ بهتري آڻي سگهن.
- **سلامتيءَ جي بهتر معيارن لاءِ سرڪار تي دٻاءُ وجهڻ:** بدقسمتيءَ سان ڪيتريون حڪومتون ماڻهن جي بچاءَ بدران ڪمپنين جي مفاد ۾ وڌيڪ ڪم ڪن ٿيون. ان سان ماحولياتي ناانصافي وڌي ٿي ۽ هاڃا ٿين ٿا. جڏهن ته ڪمپنيون سلامتيءَ کي ٽارڻ جوڳو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ جوکم سمجهن ٿيون ۽ نه کي هڪ ذميواري. سرڪار کي پنهنجون سڀ ترجيحون تبديل ڪري ماڻهن جو تحفظ ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي انهن جو جيڪي وڌيڪ خطري ۾ رهن ٿا.
- **ڪارخانن جا شين ناهڻ جا طريقا تبديل ڪرڻ:** ڀوپال جو يونين ڪاربائيڊ ڪارخانو فصل کي لڳندڙ جيتن لاءِ پيسٽيسائيڊ ناهيندڙ هيو. جڏهن ته اهڙن جيتن لاءِ ڪيميائي مادن کانسواءِ به بهتر اپاءَ وٺي سگهجن ٿا. حقيقت به اها آهي ته، اهڙا ڪيترا گهٽ هاڃيڪار ۽ وڌيڪ پائدار طريقا موجود آهن جيڪي هر مسئلي لاءِ استعمال ڪري سگهجن ٿا. ايئن چو ٿو ٿئي ته اسانکي ڪارخانن جي زهرن جي ور چڙهڻ ته ڏنو وڃي ٿو پر اهو فيصلو ڪرڻ نٿو ڏنو وڃي ته اهڙيون شيون ڪيئن ناهڻ گهرجن؟

# خطرو ڪڻجي؟ ڪنهن لاءِ؟

عام طور تي ڪمپنيون ۽ سرڪار، ماحولياتي تباهيءَ جي خطري لاءِ اهو چئي ان کي جائز سمجهن ٿيون ته، ترقي ڪرڻ لاءِ ڪنهن حد تائين اهڙو خطرو ڪٽي سگهجي ٿو پوءِ پلي ته اهڙو نقصان ڀوپال جهڙي سانحي جي صورت ۾ ڇو نه پيدا ٿئي. ان جو عام طور تي اهو مطلب ٿئي ٿو ته، اسان مان وڏ ۾ وڏ حساس طبقي کي قربانيءَ جو بڪرو بڻايو وڃي ٿو ته جيئن سندن ڪاروبار هلندو رهي ۽ اهي هميشه جيان پئسو ڪمائيندا رهن. جڏهن ته اسان گهڻن لاءِ اهو ويچار قابل قبول نه آهي. ڇو ته، نفعي ڪمائڻ جو اهو جواز تي نٿو سگهي ته تمام گهڻو نقصان پهچائجي ۽ ماڻهن جي صحت جي حقن ۽ صحتمند ماحول جي پيڪڙي ۽ تباهي ڪجي.

جيڪڏهن يونين ڪاربائيڊ ڪمپنيءَ يا انڊيا جي حڪومت جي احتياطي اصولن تحت رهنمائي ڪئي وڃي ها (ڏسو ص. 32) ته شايد ڀوپال ۾ زهريلي گئس جو حادثو پيدا ٿي نه سگهي ها.

### احتياطي اپائن جي گهُر ڪرڻ

احتياطي اپائن وٺڻ سان نقصان گهٽائي سگهجي ٿو. پر احتياطي اپائن وٺڻ ڪانپوءِ اهڙن صنعتي ڪارخانن مان سدائين ڪجهه نه ڪجهه خطرو رهي ٿو. جيڪڏهن خطرن کان بچي نٿو سگهجي ته گهٽ ۾ گهٽ اهي سيني لاءِ هڪجهڙا هجڻ گهرجن ته جيئن انهن جو رڳو شڪار غريب ماڻهو ۽ غريب وسنديون تي نه سگهن.

تحفظ لاءِ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، مستقبل لاءِ صنعتن کي اهڙيءَ طرح سان منظم ڪجي ته جيئن اهي گهٽي نفعي ڪمائڻ بجاءِ سلامتيءَ ۽ پائداريءَ کي اهميت ڏين. اهو مقصد ماڻڻ لاءِ اسانکي گهُر ڪرڻ گهرجي ته تنظيمون گهڻا سلامتيءَ وارا ۽ وڏيڪ انصاف ڀريا طريقا اختيار ڪن ۽ سرڪار انهن کي اهڙن قانونن جوڙڻ ۽ انهن جي نافذ ڪرڻ لاءِ جوابده بنائي جيڪي صحت ۽ ماحول جو تحفظ ڪندڙ هجن. سيني لاءِ هڪجهڙو ماحولي انصاف هجڻ کي زور وٺائڻ لاءِ اسانکي پنهنجن اڳواڻن ۽ انهن کان جيڪي اقتدار ۾ آهن اهڙن قانونن جوڙن جي گهر ڪرڻ گهرجي جن جو بنياد احتياطي اصولن تي ٻڌل هجي.




هڪ دونهون پيدا ڪندڙ ڪارخانو.....        ......دونهين جي توب ۾ بدلجي سگهي ٿو